# صحابهءِ ڪِرام جون ڳالهيون

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

رسالي جو نالو: صحابہءِ ڪرام جون ڳالهيون

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# صحابهءِ ڪرام جون ڳالهيون

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

**رابطي جي لاءِ:**
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

صحابہِ ڪرام جون ڳالھيون ........................... 1
درود شريف جي فضيلت ........................... 1
صحابہِ ڪرام جا اقوال ........................... 1
فرامينِ حضرت ابو عبيده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 1
فرامينِ حضرت عبد اللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 2
فرامينِ حضرت عبد اللّٰه ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُمَا ..................... 8
فرامينِ حضرت امام حسن مجتبٰي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 10
فرامينِ حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 11
فرامينِ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا ..................... 12
فرامينِ اميرِ مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 13
فرامينِ حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 13
فرامينِ حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُمَا ..................... 14
فرامينِ حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 17
فرمانِ حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 18
فرامينِ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 18
فرامينِ حضرت حذيفہ بن يمان رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 18
فرامينِ عمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 19
فرامينِ حضرت عبد اللّٰه بن عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُمَا ..................... 19
فرامينِ ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 20
فرامينِ حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ..................... 22

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# صحابہِ کرام جون ڳالهيون

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن ۽ رات 100 ڀيرا دُرود شريف پڙهي الله پاڪ ان جون 100 حاجتون پوريون فرمائيندو، 70 آخرت جون ۽ 30 دنيا جون ۽ الله پاڪ هڪ فرشتو مقرر فرمائيندو جيڪو اُن درودِ پاڪ کي منهنجي قبر تي ائين پهچائيندو جيئن توهان کي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بنا شڪ جي منهنجو علم منهنجي وصال کان بعد اهڙو ئي هوندو جهڙو منهنجي زندگيءَ ۾ آهي.“ (جمع الجوامع، 199/7، حديث:22355)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہِ کرام جا اقوال

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جا اقوال اسان جي زندگي جي ڪوڙ شُعبَن ۾ رهنمائي فراهم ڪن ٿا، انهن نُفوسِ قُدسيہ جون طويل زندگيون دنيا جي ڏکَ سکَ سان گذريون ۽ ديناري سان واقفيت ۾ گذرنديون آهن ان ڪري انهن جا اقوال بہ ڪيئي سالن جي تجربي جو نچوڙ هوندا آهن، اچو! بزرگانِ دين جا ڪجھ فرامين پڙهي ڪري نصيحت حاصل ڪريون ٿا.

## فرامينِ حضرت ابو عبيده بن جرّاح رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

✿ حضرت سيّدنا خالد بن مَعدان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مروي آهي تہ امّت جي اَمين حضرت ابو عبيده بن جرّاح رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو: ”مؤمن

جي دل جهرڪيءَ جِيان ڏينهن ۾ ڪيئي ڀيرا اُبتي سبتي ٿيندي آهي.“ (مصنف لابن ابی شیبۃ، 174/8، حديث:5)

✿ ڪير اچو هجي يا ڪارو، آزاد هجي يا غلام، عجمي هجي يا عربي جنهن بابت مونکي خبر هجي تہ هو تقوٰي ۽ پرهيزگاري ۾ مون کان وڌيڪ آهي تہ مان هي پسند ڪريان ٿو تہ مان ان جي کلَ جو ڪو حصو هجان ها.“ (الزہد للامام احمد بن حنبل، حديث:1027، ص203)

✿ حضرت نِمران بن مِخمَر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان مروي آهي تہ حضرت ابو عبيده بن جرّاح رَضِیَ اللہُ عَنْهُ لشڪر سان هلندي فرمايو: ”ٻڌو! ڪوڙ اڇي لباس وارا دين جي لحاظ کان ميرا هوندا آهن ۽ ڪوڙ پاڻ کي مڪرّم (عزّت دار) سمجهڻ وارا حقير هوندا آهن. اي انسانو! نيڪيون پراڻي گناهن کي مٽائي ڇڏين ٿيون. جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جون برايون زمين ۽ آسمان کي ڀري ڇڏين پوءِ اهو نيڪي ڪري تہ ٿي سگهي ٿو تہ اها هڪ نيڪي انهن گناهن تي غالب اچي وڃي ۽ انهن کي مٽائي ڇڏي.“ (الزہد للامام احمد بن حنبل، حديث:1026، ص203)

## فرامينِ حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْهُ

✿ لَا اُلْفِيَنَّ اَحَدَكُمْ جِيْفَةَ لَيْلٍ قُطْرُبَ نَهَارٍ يعني مان توهان مان ڪنهن کي هرگز اهڙي شخص وانگر نہ لهان جيڪو سڄي رات مڙده لاش جيان پيو هوندو آهي ۽ سڄو ڏينهن دنيا ڪمائڻ جي لاءِ ڀڄ ڊوڙ ڪندو آهي (جڏهن تہ ان کي آخرت جو ڪو فڪر ناهي هوندو) (معجم کبیر، 152/9، حديث: 8763)

✿ مون کي اهڙي شخص کان سخت نفرت آهي جيڪو نہ دنيا جي ڪنهن ڪم ۾ لڳل هجي ۽ نہ ئي ان کي آخرت جو ڪجھ فڪر

هجي. (حلية الاولياء، 178/1، حديث: 403)

✿ توهان مان هر هڪ مهمان آهي ۽ مهمان هميشہ ناهي رهندو ان ڪي وڃڻو پوندو آهي ۽ توهان وٽ جيڪو مال آهي اهو اُڌارو آهي ۽ اُڌر ان جي مالڪ کي موٽائڻي پوندي آهي. (معجم ڪبير، 101/9، حديث: 8533)

✿ رياڪار مرڻ کان بعد بہ ريا ناهي ڇڏيندو، ڪنهن پڇيو اهو ڪيئن؟ فرمايائون: اهو چاهيندو آهي تہ منهنجي جنازي ۾ تمام گهڻا ماڻهو هجن جو تہ منهنجي عزت (واه واه) ٿئي، ريا مرڻ کان بعد بہ پُٺ ناهي ڇڏيندي. (مرٲة المناجيح، 19/7)

✿ جنهن کان ٿي سگهي پنهنجو مال اتي رکي جتي ان کي نہ ڪيڙو لڳي نہ وري چور جو هٿ (يعني خدا جي واٽ ۾ صدقو ڪري ڇڏي) جو تہ ٻانهي جي دل مال جي طرف مائل رهندي آهي.

(حلية الاولياء، 183/1، حديث: 433)

✿ سچ ڳرو ۽ ڪُوڙو لڳندو آهي جڏهن تہ ڪوڙُ هلڪو ۽ منو محسوس ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن توري شهوت ڊگهي ڏکَ جو سبب بڻجي ويندي آهي. (ڪتاب الزهد للامام احمد بن حنبل، ص 98 ، حديث: 290 )

✿ ان ذات جو قسم جنهن کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي! سڄي زمين تي زبان کان وڌيڪ ڪا شيءِ اهڙي ناهي جنهن کي ڊگهو عرصو قيد ۾ رکڻ جي وڌيڪ حاجت هجي.

(معجم ڪبير، 149/9، حديث: 8744)

✿ دل ۾ سنيون خواهشون بہ پيدا ٿينديون آهن ۽ برا خيالات بہ جنم وٺندا آهن. لهٰذا نيڪيءَ کي غنيمت ڄاڻيندي ان کي ڪري وٺو ۽

برائيءَ کان پنهنجو دامن داغدار نہ ڪيو بلڪ ان کي ڇڏي ڏيو.
(ڪتاب الزهد للامام احمد بن حنبل، ص 469 ، حديث: 1331 مفہوماً )

✿ دل کي سخت ڪرڻ وارين شين کان بچو ۽ جيڪا شيءِ دل ۾ کٽڪي ان کي ڇڏي ڏيو. (الورع للامام احمد بن حنبل ، ص 46)

✿ حافظِ قرآن کي گهرجي تہ جڏهن ماڻهو ستل هجن تہ اهو پنهنجي رات جي حفاظت ڪري (جو ان ۾ جاڳي ڪري قرآنِ مجيد جي تلاوت ڪري ۽ الله پاڪ جي عبادت ڪري هرگز ان کي غفلت ۾ نہ گذاري) جڏهن ماڻهو کائي پي رهيا هجن تہ اهو پنهنجي ڏينهن جو خيال (يعني روزو) رکي جڏهن ماڻهو خوش ٿي رهيا هجن تہ اهو پنهنجي غم کي ياد ڪري (يعني فڪرِ آخرت ڪري) جڏهن ماڻهو کلي رهيا هجن تہ اهو لڙڪ وهائي. جڏهن ماڻهو پاڻ ۾ ملي رهيا هجن تہ اهو خاموش رهي ۽ جڏهن ماڻهو تڪبّر جو شڪار ٿين تہ اهو خشوع و خضوع اختيار ڪري. وڏيڪ حافظِ قرآن کي گهرجي تہ اهو روئڻ وارو، غمگين، حڪمت و بردباري، علم و اطمينان وارو هجي. ان کي گهرجي تہ بُري مزاج، غافل، شور ڪرڻ وارو، دانهون ڪرڻ وارو نہ هجي ۽ نہ ئي سخت مزاج هجي. (ڪتاب الزهد للامام احمد بن حنبل، ص183، حديث: 892 )

✿ حضرت عبد الرّحمٰن بن حَجِيرَہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن ماڻهن وٽ ويهندا هئا تہ فرمائندا هئا: ”اي انسانو! ڏينهن رات گذرڻ سان گڏوگڏ توهان جون عمرون بہ گهٽ ٿينديون پيون وڃن. توهان جا اعمال لکيا پيا وڃن. موت اچانڪ ايندو. بس جيڪو نيڪي جو ٻج پوکيندو جلد ئي ان کي شوق سان لڻندو ۽ جيڪو برائي جو ٻج

پوڪيندو ان ڪي ندامت سان لُٽڻو پوندو. هر هڪ پنهنجو پوڪيل فصل لڻندو. سُستي ۽ ڪاهلي ڪرڻ وارو پنهنجي عمل جي ذريعي اڳتي ڪڏهن به نه وڌي سگهندو ۽ حرص ۽ لالچ ۾ مبتلا صرف پنهنجو مقدر ئي حاصل ڪري سگهندو. جنهن ڪي به ڀلائيءَ جي توفيق ملي اها الله پاڪ جي ئي طرفان آهي ۽ جنهن ڪي بُرائي کان بچايو ويو ته اهو به الله پاڪ جي ئي ڪرم سان آهي. مُتّقي ۽ پرهيزگار عام ماڻهن جا سردار ۽ فقهاءِ رهنما آهن. انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ نيڪين ۾ اضافي جو سبب آهي.

(ڪتاب الزھد للامام احمد بن حنبل، ص183، حديث: 889 )

✿ هڪ شخص سندن وٽ اچي ڪري چيو: ”اي ابو عبد الرّحمٰن (هيءَ حضرت عبد الله بن مسعود جي ڪنيت آهي) مونکي جامع و مانع ڪلمات سيڪاريو! فرمايائون: الله پاڪ جي عبادت ڪريو. ان سان گڏ ڪنهن کي شريڪ نه بڻايو. قرآنِ مجيد جي احڪامن جي مطابق زندگي گذاريو. جيڪڏهن توهان وٽ ڪو اڻ واقف ۽ ناپسند شخص به حق ڳالهه آڻي ته ان کي قبول ڪريو ۽ جيڪڏهن توهان جو پيارو ۽ پسند وارو شخص به ناحق ڳالهه پيش ڪري ته ان کي رَد ڪري ڇڏيو.

(موسوعة لابن ابی الدنيا، 264/7، حديث: 454 مفہوماً )

✿ حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ ڪجهه هاري حاضر ٿيا ته انهن جا ٿلها ڪنڌ ۽ صحت مند جسمَ ڏسي ڪري ماڻهن کي حيراني ٿي (ان تي) پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: ”توهان ڏسوتا ڪافرن جا جسم صحت مند آهن پر دليون بيمار آهن ۽ مؤمن جو جسم توڙي جو ڪمزور هجي پر ان جي دل مضبوط هوندي آهي. الله پاڪ جو قسم! جيڪڏهن توهان جا جسمَ صحت مند هجن پر دليون

بيمار تہ توهان جي حيثيت الله پاڪ جي ويجهو ڳبريلا (يعني چيٽي جي ڪيڙي) ڪان بہ گهٽ آهي.“

(ڪتاب الزهد للامام احمد بن حنبل، ص 148 ، حديث: 940 مفہوماً )

✿ حضرت عِتريس بن عُرقُوب شَيبانِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت عبد الله بن مسعودرَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ وٽ حاضر ٿيا ۽ چيائون: ”هلاڪ ٿيو اهو شخص جنهن نہ نيڪيءَ جو حڪم ڏنو ۽ نہ ئي بُرائيءَ کان منع ڪيو.“ تہ حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن فرمايو: ”بلڪ هلاڪ تہ اهو ٿيو جنهن جي دل ڀلائيءَ کي ڀلائي ۽ بُرائيءَ کي برائي نٿي سمجهي. (معجم ڪبير، 107/9، حديث: 8564)

✿ نيڪ و صالح دنيا مان وفات ڪري ويا ۽ شڪ ڪرڻ وارا باقي رهجي ويا جن کي نہ نيڪي جي پهچان آهي نہ ئي بُرائي جي خبر.

(معجم ڪبير، 105/9، حديث: 8552)

✿ هڪ شخص حضرت عبد الله بن مسعودرَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: اي ابو عبد الرحمٰن رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ! مونکي ڪا نصيحت فرمايو! پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن فرمايو: تنهنجو گهر توکي ڪفايت ڪري (يعني بنا ضرورت جي گهر کان ٻاهر نہ نڪرو) زبان جي حفاظت ڪيو ۽ پنهنجين خطائن کي ياد ڪري لڙڪ وهايو.

(ڪتاب الزهد للامام احمد بن حنبل، ص 42 ، حديث: 130)

✿ (اي انسانو!) توهان نماز، روزي ۽ اجتهاد ۾ صحابۂ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کان وڌڻ چاهيو ٿا (ياد رکو! ايئن نٿو ٿي سگهي جو تہ) اهي توهان کان بهتر آهن.“ ماڻهن عرض ڪيو: ”اي ابو عبد الرحمٰن رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ! ان جو ڇا سبب آهي؟“ فرمايائون: اهي دنيا ۾ سڀ کان

وڏيڪ زُهد اختيار ڪندا ۽ آخرت ۾ سڀ کان وڏيڪ رغبت رکندا آهن. (حلية الاولياء، 185/1، حديث: 438)

✿ دليون ٿانوَن وانگر آهن، لهٰذا انهن کي قرآنِ پاڪ کان علاوه ڪنهن ٻئي شيءِ سان نہ ڀريو. (كتاب الزهد للامام احمد بن حنبل، ص 183 ، حديث: 891)

✿ ڪنهن شخص جي گناهگار هئڻ جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ جڏهن ان کي چيو وڃي: الله کان ڊڄ، تہ اهو ناراض ٿي ڪري چئي: پنهنجي ڪم سان ڪم رک. (الكواكب الدرية، 1/ 171)

✿ پاڻ فرمائيندا هئا: اي زبان! چڱي ڳالهہ ڪر فائدي ۾ رهندئين ۽ ڳالهاءِ نہ جو ندامت (شرمندگي) کان پهريان سلامت رهندئين.

(حسن السمت فى الصمت، ص 79)

✿ حَافِظُوا عَلٰى اَبْنَائِكُمْ فِي الصَّلَاةِ يعني نماز جي معاملي ۾ پنهنجن ٻارن تي توجّهہ ڏيو. (مصنف عبد الرزاق، 4 / 120، رقم:7329)

✿ تاجر تي تعجّب آهي اهو ڪيئن ٿو سلامت رهي سگهي. جيڪڏهن پنهنجي شيءِ کپائي ٿو تہ ان جون تعريفون ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن ٻئي کان ڪا شيءِ خريد ڪري ٿو تہ ان جون برايون ڪري ٿو. (بهجة المجالس وانس المجالس لابن عبد البر، 136/1)

✿ مان ڪنهن ڪوئلي کي زبان سان چَٽيان ۽ اهو جيڪو ساڙڻو هجي ساڙي ڇڏي ۽ جيڪو باقي رهڻ ڏي سو ڏي، هي منهنجي ويجهو ان کان وڏيڪ پسنديده آهي جيڪو ڪم ٿي چڪو ان جي باري ۾ چوان: ڪاش نہ ٿئي ها يا نہ ٿيڻ واري جي باري ۾ چوان: ڪاش ٿي وڃي ها. (احياء العلوم، 5 / 66)

✿ جڏهن ڪو شرابي مري وڃي تہ ان کي دفن ڪري ڇڏيو، ان کان بعد مونکي هڪ ڪاٺيءَ تي لٽڪائي ان جي قبر کوٽيو، جيڪڏهن ان جو چهرو قبلي کان ڦريل نہ هجي تہ مونکي ايئن لٽڪندو ڇڏي ڏجو. (كتاب الكبائر للذهبى، ص96)

✿ جيسيتائين توهان نماز ۾ مشغول رهندا آهيو تہ بادشاهہ (يعني الله پاڪ جي رحمت) جو دروازو ڪڙڪائيندا رهندا آهيو ۽ جيڪو بادشاهہ جو دروازو ڪڙڪائيندو رهندو آهي ان جي لاءِ دروازو کُلي ئي ويندو آهي. (مصنف ابنِ ابى شيبة، 2 / 360، حديث: 10)

✿ (ڪنهن جي) تعريف يا بُرائي ڪرڻ ۾ جلدي نہ ڪريو، ڇو تہ اڄ توهان کي جيڪي سٺا لڳن ٿا سڀاڻي بُرا لڳندا ۽ اڄ جيڪي توهان کي بُرا لڳن ٿا سڀاڻي توهان کي سٺا لڳندا. (حلية الاولياء، 279/4، حديث: 5568)

## فرامينِ حضرت عبد اللّٰه ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا

✿ پنهنجي زبان جي چوٽي هٿ سان پڪڙي ڪري فرمائي رهيا آهن: "توهان تي افسوس آهي! چڱي ڳالهہ چئو انهيءَ ۾ توهان جو فائدو آهي ۽ بري ڳالهہ کان خاموش رهو جو انهيءَ ۾ توهان جي سلامتي آهي." ڏسڻ واري ان جو سبب معلوم ڪيو تہ فرمايائون: "مونکي خبر ملي آهي تہ قيامت جي ڏينهن انسان پنهنجي زبان جي ڪري سڀ کان وڌيڪ نقصان ڪٺندو.

(كتاب الزهد للامام احمد بن حنبل، ص 206 ، حديث: 1047)

✿ اي زبان چڱي ڳالهہ چئو تو کي فائدو ٿيندو ۽ بُري ڳالهہ ڪرڻ کان خاموش ٿي سلامتي ۾ رهندئين. (حسن السمت فى الصمت، ص 80)

✿ جڏهن درهم ۽ دينار ٻڌايا ويا تہ ابليس انهن کي پڪڙي ڪري اکين سان لڳايو ۽ چيو: ”توهان منهنجي دل جي غذا ۽ اکين جي ٺڌاڻ آهيو. مان توهان جي ذريعي ماڻهن کي سرڪش ۽ ڪافر بڻائيندس ۽ توهان جي سبب مان ماڻهن کي جهنم ۾ داخل ڪرائيندس. مان ان ماڻهوءَ سان خوش آهيان جيڪو دنيا جي محبت ۾ مبتلا ٿي ڪري تنهنجي غلامي ڪرڻ لڳي. (صفة الصفوة، 384/1، الرقم: 119)

✿ جنهن قوم ۾ بہ ظلم ظاهر ٿيندو آهي ان ۾ ڪثرت سان موت ٿيندا آهن (التمہید لابن عبدالبر، 262/10، تحت الحدیث: 755)

✿ حضرت ابو غالِب خلجي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: مون حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کي فرمائيندي ٻڌو: ”توهان فرائض جي ادائيگي پنهنجو پاڻ تي لازم ڪريو ۽ الله پاڪ توهان تي جيڪي پنهنجا حقوقَ مقرر فرمايا آهن انهن کي ادا ڪريو ۽ انهن تي انهيءَ کان مدد طلب ڪريو ڇو تہ هو پاڪ پروردگار جڏهن ٻانهي ۾ سچي نيت ۽ ثواب جي طلب ڏسندو آهي تہ ان جي تڪليف ختم فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ هو مالڪ آهي جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي. (حلیۃ الاولیاء،401/1، حدیث: 1151)

✿ بنا شڪ جي الله پاڪ هر مؤمن ۽ فاسق جو رزق لکي ڇڏيو آهي. بس اهو رزقِ حلال ملڻ تائين صبر ڪري تہ الله پاڪ ان کي عطا فرمائيندو آهي ۽ جيڪڏهن بي صبري کان ڪم وٺي ۽ حرام جي طرف قدم وڌائي تہ الله پاڪ ان جي رزقِ حلال ۾ گهٽتائي فرمائي ڇڏيندو آهي. (حلیۃ الاولیاء، 401/1، حدیث: 1152)

✿ اَيۡقِظُوا الصَّبِیَّ يُصَلِّ، وَلَوۡبِسَجۡدَۃٍ يعني ٻارَ کي نماز جي لاءِ جاڳايو توڙي جو هڪ ئي سجدو ڪري. (مصنف عبد الرزاق، 4 / 120، رقم:7329)

✿ قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان انهن ماڻهن کي جنّت جي طرف سڏيو ويندو جيڪي هر حال ۾ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪن ٿا. (ڪتاب الزهد لابن مبارک، ص 68، حديث: 206)

✿ جنّت جي زمين جا وارث اهي ماڻهو آهن جيڪي پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪن ٿا. (حسن التنبہ ، 3 / 209)

## فرامينِ حضرت امام حسن مجتبٰي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ

✿ سڀ کان وڏي عقلمندي پرهيزگاري ۽ سڀ کان وڏي بيوقوفي فِسق و فجور (يعني گناھ و نافرماني) آهي. (مصنف ابن ابی شیبہ، 277/7، حديث: 165)

✿ اي ابن آدم! پنهنجي ڀاءُ کان حسد نہ ڪر ڇو تہ جيڪڏهن الله پاڪ ان کي ان جي تڪريم جي لاءِ اها نعمت ان کي عطا فرمائي آهي تہ جنهن کي الله پاڪ عزت ڏي ان کان حسد نہ ڪريو جيڪڏهن ڪنهن ٻي سبب سان عطا فرمائي آهي تہ ان کان حسد ڇو ٿا ڪريو جنهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي. (الزوجر عن اقتراف الكبائر، 116/1)

✿ انسان تي تعجّب آهي جو روزانو هڪ يا ٻہ ڀيرا پنهنجي هٿن سان ناپاڪي ڌوئي ٿو پوءِ بہ زمين و آسمان جي بادشاھ سان مقابلو ڪري ٿو. (الزوجر عن اقتراف الكبائر، 149/1)

✿ حضرت امام حسن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ هڪ امير کي تڪبر واري چال هلندي ڏٺو تہ ان کي فرمايائون تہ اي احمق! تڪبر سان اڪڙجي نڪ

چاڙهي ڪاڏي ڏسي رهيو آهين؟ چا انهن نعمتن کي ڏسي رهيو آهين جن جو شڪر ادا نہ ڪيو ويو يا انهن نعمتن کي ڏسي رهيو آهين جن جو ذڪر الله پاڪ جي احڪامن ۾ ناهي. جڏهن ان هيءَ ڳالهہ ٻڌي تہ عذر پيش ڪرڻ حاضر ٿيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ارشاد فرمايو: مون کان معافي نہ گهر، بلڪ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪر چا تہ الله پاڪ جو هي فرمان ناهي ٻڌو:

وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ۝۳۷

(پ15، بنی اسرائیل:37)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ زمين ۾ آڪڙجي نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگهندين ۽ هرگز جبلن جي چوٽي کي نہ پهچي سگهندين. (الزوجر عن اقتراف الکبائر، 149/1)

## فرامينِ حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

✿ اي انسانو! چڱي اخلاق ۾ رغبت ڪريو، نيڪ اعمال ۾ جلدي ڪريو، جنهن ڪنهن تي احسان ڪيو هجي ۽ اهو ان جو شڪريو ادا نہ ڪري تہ احسان ڪرڻ واري کي الله پاڪ عيوض عطا فرمائيندو آهي. يقين ڪريو نيڪ ڪم ۾ تعريف ٿيندي آهي ۽ ثواب ملندو آهي، جيڪڏهن توهان نيڪيءَ کي ڪنهن مرد جي صورت ۾ ڏسي سگهو ها تہ ان کي حسين و جميل ڏسو ها جيڪو ڏسڻ واري کي سٺو لڳي ها ۽ جيڪڏهن توهان ملامت ۽ بُرائيءَ کي ڏسي سگهو ها تہ بدترين منظر ڏسو ها جنهن کان دليون نفرت ڪنديون ۽ نظرون هيٺ ٿي وڃن ٿيون. اي انسانو! جيڪو سخاوت ڪندو آهي اهو

سردار هوندو آهي ۽ جيڪو ڪنجوسي ڪندو آهي اهو ذليل و رُسوا ٿيندو آهي. گهڻو سخي اهو شخص آهي جيڪو ان شخص تي سخاوت ڪري جنهن کي ان جي اميد نہ هجي. گهڻو پاڪ دامن ۽ بهادر اهو شخص آهي جيڪو بدلو وٺڻ تي قادر هئڻ جي باوجود معاف ڪري ڇڏي، وڏيڪ صلهءِ رحمي ڪرڻ وارو شخص اهو آهي جيڪو تعلق ٽوڙڻ وارن رشتيدارن سان تعلق جوڙي. جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ تي احسان ڪري الله پاڪ جي رضا چاهي الله پاڪ مشڪل وقت ۾ ان جو بدلو ڏيندو آهي ۽ ان کان سخت مصيبت ٽاري ڇڏيندو آهي. جنهن شخص مسلمان ڀاء کان دنياوي مصيبت پري ڪئي الله پاڪ ان کان آخرت جي مصيبت پري ڪندو آهي ۽ جيڪو ڪنهن تي احسان ڪري الله ڪريم ان تي احسان فرمائيندو آهي ۽ احسان ڪرڻ وارا الله جا پيارا آهن. ✿ توڙي جو دنيا سني ۽ وڻندڙ سمجهي ويندي آهي پر الله جو ثواب تمام گهڻو ۽ نفيس آهي. ✿ رزق تقدير ۾ ورهائجي چُڪا آهن پر ڪمائڻ ۾ انسان جو حرص نہ ڪرڻ سنو آهي. ✿ مال دنيا ۾ ئي ڇڏي ڪري وڃڻو آهي تہ پوءِ انسان مال ۾ ڪنجوسي ڇو ڪندو آهي؟ ✿ جڏهن تڪليف ڏيڻ جي لاءِ ڪو شخص ڪنهن کان مدد گهري تہ ان جي مدد ڪرڻ وارو ۽ ذليل ۽ رُسوا ماڻهو سڀ برابر آهن .

(نور الابصار فی مناقب آل بیت النبی المختار، ص 152 ، 153)

## فرامينِ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا

✿ جيڪو ٻانهو خالص پاڻي پيئي ۽ اهو بنا تڪليف جي (پيٽ ۾ داخل ٿئي ۽ بنا تڪليف جي ٻاهر بہ نڪري اچي، تہ ان تي شڪر لازم آهي. (ڪتاب الشڪر، ص162، رقم:188)

✿ توهان ماڻهو افضل عبادت يعني عاجزي کان غافل آهيو.

(احياءالعلوم، 419/3)

## فرامينِ اميرِ مُعاويه رضي الله عنه

✿ جيڪو منهنجي ڪنهن نعمت کان حسد ڪندو آهي مان ان کان علاوه هر شخص کي راضي ڪري سگهان ٿو ڇو ته حاسد ان وقت راضي ٿيندو جڏهن اها نعمت مون کان کسجي ويندي.

(احياء العلوم ، 233/3)

✿ سيني کان وڏو سردار اهو شخص آهي جڏهن ان کان ڪجھ گهريو وڃي ته سيني کان وڌيڪ سخاوت ڪرڻ وارو هجي، محفلن ۾ چڱي اخلاق جي اعتبار سان سيني کان سنو هجي ۽ ان سان بُرو ورتاءُ ڪيو وڃي ته حلم و بُردباري جو مظاهرو ڪري.

(تاريخ ابنِ عساکر، 186/59، رقم:7510)

✿ جيڪو ماڻهو تجربات مان فائدو نه وٺي اهو بلند مقام حاصل نٿو ڪري سگهي. (احياء العلوم، 230/3)

## فرامينِ حضرت ابو هريره رضي الله عنه

✿ جيڪڏهن انسان ۾ پگهريل شيهو وڌو وڃي ته هي ان جي لاءِ اَذان ٻڌي ڪري مسجد ۾ حاضر نه ٿيڻ کان بهتر آهي.

(مصنف ابن ابی شيبہ، 380/1، حديث: 4)

✿ جن گهرن ۾ الله پاڪ جو ذڪر ٿئي ٿو اهلِ آسمان انهن گهرن کي ايئن ڏسندا آهن جيئن توهان ستارن کي ڏسندا آهيو.

(مصنف ابن ابی شيبہ، 236/8، حديث: 10)

✿ حضرت عطاء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: ”جڏهن توهان 6 شيون ڏسو تہ جيڪڏهن توهان جي جان توهان جي قبضي ۾ هجي تہ ان کي ڇڏي ڏيو. انهي ڪري مان موت جي تمنا ڪندو آهيان ان خوف کان تہ ڪٿي انهن شين جو دور نہ ڏسان. جڏهن بيوقوف حڪمران بڻجي وڃن. فيصلا وڪامجڻ لڳن. جانيون محفوظ نہ رهن. متي مائٽي ٽوڙي وڃي. قوم جا محافظ قوم جا لٽيرا بڻجي وڃن ۽ ماڻهو قرآنِ مجيد ڳائڻ جي طرز ۾ پڙهڻ لڳن.“ (تاريخ ابن عساکر، 379/67۔ مصنف عبد الرزاق، 322/2، حديث: 1119)

✿ حضرت ابو اَسود رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ هڪ شخص مدينہ طيبہ ۾ گهر نهرايو. گهر جي تعمير مڪمل ٿيڻ کان بعد هڪ ڏينهن هُو پنهنجي گهر جي دروازي تي ويٺو هو تہ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو اتان گذر ٿيو تہ ان عرض ڪيو: ”اي حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ! ٿورو بيهو! ۽ مون کي اهو ٻڌايو تہ مان گهر جي دروازي تي ڇا لکرايان؟ ”پاڻ فرمايائون: لکرايو ”گهر ويران ٿيڻ جي لاءِ هوندا آهن. اولاد فوت ٿيڻ جي لاءِ ۽ مال وارثن جي لاءِ جمع ڪيو ويندو آهي.“ ان وقت اتي هڪ اعرابي (ڳوٺاڻو) بہ موجود هو. اُن چيو: ”شيخ! اوهان ڪيتري بري ڳالهہ چئي آهي.“ گهر جي مالڪ اعرابي کي چيو: ”تنهنجي هلاڪت ٿئي! هي نور جي پيڪر تمام نبين جي سرور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابي حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ آهن.“ (تاريخ ابن عساکر، 374/67)

## فرامينِ حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا

✿ جڏهن تون شام ڪرين تہ اچڻ واري صبح جو انتظار نہ ڪر ۽

جڏهن صبح ڪرين تہ شام جو منتظر نہ رهہ ۽ حالتِ صحت ۾ بيماري جي لاءِ ۽ زندگيءَ ۾ موت جي لاءِ تياري ڪري وٺو.

(بخاری، 223/4، حدیث: 6416)

✿ حضرت عبد اللہ بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا: ڪو شخص ان وقت تائين ڪامل عالِم نٿو ٿي سگهي جيستائين اهو پاڻ کان بهتر کان حسد ڪري، پاڻ کان گهٽ (مرتبي) واري کي حقير ڄاڻي ۽ علم جي بدلي ۾ مال طلب ڪرڻ ڇڏي نہ ڏي. (الکواکب الدریۃ، 166/1)

✿ انسان جي عضوون ۾ سڀ کان وڌيڪ زبان ان ڳالهہ جي حقدار آهي تہ ان کي (فضول ڳالهين کان) پاڪ رکيو وڃي.

(مصنف لابن ابی شیبۃ، 237/6، حدیث: 7)

✿ يُعَلَّمُ الصَّبِيُّ الصَّلَاةَ إِذَا عَرَفَ يَمِينَهُ مِنْ شِمَالِهِ يعني جڏهن ٻار ساڄي ۽ کابي ۾ فرق ڪرڻ لڳي تہ ان کي نماز جي تعليم ڏني وڃي.

(مصنف ابن ابی شیبہ، 1 / 382، رقم:5)

✿ جيڪڏهن منهنجي آڳر شراب ۾ پئجي وڃي تہ ان کي پنهنجي هٿ سان ڳڏ رکڻ مونکي برداشت نہ ٿيندو.

(مصنف لابن ابی شیبۃ، 509/5، حدیث:6)

✿ چڱن ڪمن ۾ هڪٻئي سان مشورو ڪندا ڪريو پر بُرائيءَ ۾ مشورو نہ ڪندا ڪريو. (مصنف لابن ابی شیبۃ، 176/8، حدیث: 16)

✿ انسان دنيا جي ڪا بہ نعمت ماڻيندو آهي تہ اللہ پاڪ وٽ ان جي درجن ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي. توڙي جو اهو بارگاهِ الٰهي ۾ ڪيڏي بہ عزت رکندو هجي. (مصنف لابن ابی شیبۃ، 174/8، حدیث: 2)

✿ ڪو ٻانهو ان وقت تائين ايمان جي حقيقت تائين نٿو پهچي سگھي جيستائين ماڻهو دين تي ان جي استقامت ڏسي ڪري ان کي بيوقوف نہ سمجهن. (مصنف لابن ابی شيبة، 175/8، حديث: 4)

✿ اهو شخص عالم نٿو ٿي سگھي جيڪو پنهنجن وڏن کان حسد ڪندو هجي ننڍن کي حقير سمجھندو هجي ۽ علم کي دنيا جي حصول جو ذريعو بڻائيندو هجي. (حلية الاولياء، 379/1، حديث: 1067)

✿ جيڪو ڪنهن جي پيروي ڪرڻ چاهيندو هجي اهو اسلاف جي پيروي ڪري جيڪي حضور نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابہ آهن. اهي ئي هن امّت جا بهترين ماڻهو آهن. انهن جون دليون نيڪي ۽ ڀلائي ۾ سيني ماڻهن کان وسيع آهن. انهن جو علم سيني کان وسيع ۽ انهن ۾ بناوٽ ۽ نمائش نہ هئي. هي اهي نُفوسِ قدسيہ آهن جن کي الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت ۽ دين جي تبليغ جي لاءِ چونڊيو. لهٰذا توهان انهن جي اخلاق ۽ عادات ۽ انهن جي طور طريقن تي هلو ڇو تہ اهي حضرت محمد مصطفٰي، احمد مجتبٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابہ آهن. ربِّ ڪعبہ جو قسم! هيءُ ئي ماڻهو هدايت جي سڌي رستي تي هلندڙ هئا. اي ٻانها! صرف پنهنجي جسم جي حد تائين دنيا سان تعلق قائم ڪر ۽ پنهنجي دل ۽ دماغ ان کان پري رک ڇو تہ تنهنجي نجات جو دارو مدار تنهنجي عمل تي آهي. لهذا تون هاڻي کان ئي موت جي تياري ڪر تان جو تنهنجو انجام ۽ خاتمو چڱو ٿئي. (حلية الاولياء، 378/1 ، رقم:1065)

✿ حضرت قتاده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي تہ حضرت عبد الله بن عمر

رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان ڪنهن پڇيو: ” ڇا حضور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا صحابہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم کلندا هئا؟“ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جن فرمايو: ”جي ها! حالانڪ ايمان انهن جي دلين ۾ جبلن کان بہ وڌيڪ مضبوط هو.

(جامع معمر بن راشد مع المصنف لعبد الرزاق، 286/10، حديث:20837)

✿ هڪ شخص حضرت عبد اللّٰہ بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان پڇيو: ”جهڙيءَ طرح لَا اِلٰهَ اِلَّا الله (يعني اِسلام) جي بنا ڪو عمل نفعو ناهي ڏيندو تہ ڇا مسلمان کي ڪو عمل نقصان بہ نٿو پهچائي سگهي؟“ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: ”(نيڪين واري) زندگي گذاريو ۽ ڏوکي ۾ نہ رهو (تہ مسلمان کي ڪا بُرائي نقصان نٿي پهچائي سگهي).

(جامع معمر بن راشد مع المصنف لعبد الرزاق، 258/10، حديث:20720)

## فرامينِ حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ

✿ انسان هن دنيا ۾ زنده رهي ڪري صرف ڪنهن پريشان ڪندڙ آفت ۽ مصيبت يا ڪنهن فتني جو انتظار ڪندو آهي.

(الزہد لابن المبارک، ص3، حديث:5 )

✿ حضرت قَسامَہ بن زُهَيَر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري بصره ۾ حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ اسان کي خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: ”اي انسانو! روئيندا ڪريو ۽ جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جهڙي صورت بڻائيندا ڪريو ڇو تہ (نافرمانين جي سبب جهنم ۾ وڃڻ وارا) جهنمي ايترو روئيندا جو روئيندي روئيندي انهن جا ڳوڙها ختم ٿي ويندا. آخرڪار هو رت جا ڳوڙها وهائڻ شروع ڪندا ۽ ايتري قدر ڳوڙها وهائيندا جيڪڏهن سندن ڳوڙهن ۾ ٻيڙيون ڇڏيون وڃن تہ هلڻ لڳن.“ (الزهد للامام احمد بن حنبل ، ص215، حديث:1103 )

✿ بيشڪ قيامت جي ڏينهن سج ماڻهن جي مٿن تي رهي ڪري باھ وسائي رهيو هوندو ۽ انهن جا اعمال انهن جي لاءِ ڇانوَ جو ذريعو بڻجندا يا اُس ۾ ئي سڙڻ ڏيندا.“ (مصنف ابن ابی شيبة، 203/8، حديث: 3)

## فرمانِ حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

✿ اهل جنّت ڪنهن شيءِ تي حسرت نہ ڪندا سِواءِ ان گهڙيءَ جي جيڪا يادِ الٰهي کان غفلت ۾ گذري. (احياء العلوم ، 392/1)

## فرامينِ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

✿ جيڪو ڪلندي جنّت ۾ وڃڻ چاهي ٿو ان کي گهرجي تہ پنهنجي زبان کي هميشہ ذِڪر الله سان تَر رکي. (طبقات الصوفياء، ج1، ص 117)

✿ جيڪو ٻانهو ڪثرت سان موت کي ياد ڪندو آهي ان جي خوشي ۽ حسد ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي. (الزواجرعن اقتراف الکبائر، 116/1)

✿ ايمان جي سربلندي حڪمِ الٰهي تي صبر ڪرڻ ۽ تقدير تي راضي رهڻ آهي. (احياء العلوم، 5 /67 )

## فرامينِ حضرت حذيفہ بن يمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

✿ حضرت حذيفہ بن يمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: فتني وارين جڳهن کان بچو. عرض ڪيو ويو تہ اهي ڪهڙيون آهن؟ فرمايائون: حڪمرانن جا دروازا. توهان مان ڪو حاڪم جي دروازي تي ويندو آهي تہ ان جي ڪوڙ جي تصديق ڪندو ۽ ان جي باري ۾ اهو ڪجھ چوندو آهي جيڪو ان ۾ ناهي هوندو. (احياء العلوم، 177/2)

✿ دين جا گناهگار ۽ زندگي ۾ لاچار ۽ بدحال ڪوڙ ماڻهو صرف

پنهنجي سخاوت جي ڪري جنّت ۾ داخل ٿي ويندا. (التذكرة الحمدونية، 299/2)

## فرامينِ عمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

✿ قرآنِ پاڪ جي هر آيتِ مبارڪ جنّت جو هڪ درجو ۽ توهان جي گهرن جو ڏِيئو آهي. (احياء العلوم ، 363/1)

✿ جنهن قرآن پڙهيو ان نبوت کي پنهنجي پاڪُر جي درميان جمع ڪري ورتو پر هي جو ان جي طرف وحي ناهي ڪئي ويندي.
(احياء العلوم ، 363/1)

## فرامينِ حضرت عبد اللّٰه بن عَمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا

✿ هر بد زبان جي جنّت ۾ داخلا حرام آهي. (حلية الاولياء، 359/1، رقم: 982)

✿ ڳالهائڻ دواء جيان آهي، گهٽ مقدار ۾ هجي ته فائدي مند ٿيندي ۽ جيڪڏهن گهڻي مقدار ۾ هجي ته نقصان ڪار ثابت ٿيندي.
(حسن السمت فی الصمت، ص100)

✿ مؤمن جي جسم ۾ ڪو اهڙو عضوو ناهي جيڪو الله پاڪ کي زبان کان وڌيڪ پسنديده هجي، انهيءَ ڪري الله پاڪ ان کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو ۽ غير مسلم جي جسم ۾ ڪو عضوو اهڙو ناهي جيڪو الله پاڪ کي زبان کان وڌيڪ ناپسند هجي، انهيءَ ڪري الله پاڪ ان کي جهنم ۾ داخل فرمائيندو. (حلية الاولياء، 280/1)

✿ هن ڳالهه کان ڊڄو ته مؤمنن جون دليون توهان کان نفرت ڪرڻ لڳن ۽ توهان کي ان جي خبر به نه پئي. (الزهد لابی داؤد، ص205، رقم:229)

✿ جيسيتائين توهان نيڪ ماڻهن سان محبت ڪندؤ پلائيءَ تي

رهندؤ ۽ توهان جي باري ۾ جڏهن ڪا حق ڳالھ بيان ڪئي وڃي تہ ان کي مڃيندا ڪريو جو حق کي سڃاڻيندڙ ان تي عمل ڪرڻ واري جيان هوندو آهي. (شعب الايمان، 503/6، حديث:9063)

## فرامينِ ابو ذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ

✿ جيڪو جنّت ۾ وڃڻ چاهي ٿو ان کي گهرجي تہ دنياوي مال ۽ دولت ۾ رغبت نہ رکي. (حلية الاولياء، 219/1، رقم: 542)

✿ دعا جي قبوليت جي لاءِ نيڪي ۽ ڀلائي جي حيثيت اهڙي آهي جهڙي ڀاڄيءَ ۾ لوڻ جي. (مصنف ابنِ ابی شيبه، 40/7، حديث:4)

✿ حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ حضرت سلمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي فرمايائون: اي سلمہ! بادشاهن جي دروازن تي نہ ويندا ڪريو ڇو تہ توهان کي انهن جي دنيا مان ڪجھ بہ نہ ملندو پر اهي هن کان افضل يعني توهان جي دين مان ڪٽي ويندا. (مصنف لابن ابی شيبة، 698/8، حديث: 79)

✿ 2 درهم واري جو حساب هڪ درهم واري جي حساب کان سخت ٿيندو (يعني جيترو مال گهڻو ايترو وبال وڌيڪ) (مصنف لابن ابی شيبة، 183/8، حديث: 3)

✿ حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن ڪعبي وٽ بيهي ڪري فرمايو: اي انسانو! مان جُنَدُب غِفاري آهيان. پنهنجي شفقت ۽ نصيحت ڪرڻ واري ڀاءُ وٽ جمع ٿي وڃو! سڀ ئي ماڻهو جمع ٿي ويا تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن فرمايو: ” جڏهن توهان مان ڪو سفر تي ويندو آهي تہ ڇا اهو زادِ راه (يعني سفر ۾ ڪم اچڻ وارو ضروري سامان) گڏ ناهي کڻندو جنهن سان ضروريات پوريون ٿين ۽ پنهنجي منزل تائين پهچي سگهي؟“ ماڻهن عرض ڪيو: ”ڇو نہ!“ فرمايائون: ”تہ

ٻڌو! قيامت جو سفر سڀ کان ڏگهو آهي. ان جي لاءِ خوب زادِ راه تيار ڪيو جيڪو توهان جي ڪم اچي سگهي.“ حاضرين پڇيو: ”اهو ڇا آهي جيڪو هن ۾ اسان جي ڪم اچي؟“ فرمايائون: ”وڏن وڏن مشڪل ڪمن کان بچڻ جي لاءِ حج ڪريو. قيامت جي ڏينهن جي گرميءَ ۽ تپش کان حفاظت جي لاءِ سخت گرميءَ جي ڏينهن ۾ به روزا رکو. قبر جي وحشت ۽ گهٻراهٽ کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ رات جي اونداهي ۾ نماز ادا ڪندا ڪريو. حساب جي ڏينهن جي پيشي جي لاءِ چڱي ڳالهه چئو ۽ بُريءَ ڳالهه کان بچو. قيامت جي سختين کان بچڻ جي لاءِ پنهنجو مال صدقو ڪريو. دنيا ۾ صرف ٻن قسمن جي محفل اختيار ڪريو هڪ اها جيڪا آخرت جي طلب جي لاءِ هجي ۽ ٻي اها جيڪا حلال جي طلب جي لاءِ هجي ۽ انهن کان علاوه ڪا ٽئي محفل اختيار نہ ڪجو جو ان ۾ توهان جي لاءِ ڪو نفعو ناهي بلڪ اها توهان جي لاءِ نقصان واري ثابت ٿيندي. اهڙيءَ طرح پنهنجي مال کي بہ ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو، هڪ حصو ٻارن ٻچن تي خرچ ڪريو ۽ ٻيو راهِ خدا ۾ خرچ ڪري پنهنجي آخرت جي لاءِ ذخيرو ڪريو ان کان علاوه ڪو ٽيون حصو نہ ٺاهيو جو ان ۾ سراسر نقصان آهي، فائدو ڪجهه بہ نہ.“ ان کان بعد پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بلند آواز سان فرمايو: ”اي انسانو! لالچ (کان بچو جو ان ۾ توهان جي لاءِ هلاڪت آهي جو تہ هي ڪڏهن بہ ختم ناهي ٿيندي ۽ نہ ئي توهان ان کي پورو ڪري سگهو ٿا.

(اخبار مكة للفاكهى، 134/3، حديث: 1904 صفة الصفوة، 301/1، الرقم: 64)

✿ حضرت عبد الله بن محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مروي آهي تہ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي رهيا هئا تہ اسان کي حضرت ابو ذر غفاري

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو هي فرمان پهتو: ”اي انسانو! مان توهان کي نصيحت ڪريان ٿو ۽ توهان تي شفقت ڪريان ٿو. قبر جي وحشت کان بچڻ جي لاءِ رات جي اونداهيءَ ۾ نماز ادا ڪندا ڪريو. قيامت جي گرميءَ کان بچڻ جي لاءِ روزا رکو ۽ سخت ڏينهن (يعني محشر) جي خوف کان (حفاظت جي لاءِ) صدقو ڪريو. اي انسانو! مان توهان جو خيرخواه آهيان ۽ توهان تي شفيق آهيان.

(ڪتاب الزهد للامام احمد بن حنبل، ص 171، حديث: 802)

✿ حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حضرت اَحْنَف بن قيس رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کي فرمايائون: جيسيتائين عطيو خوشيءَ سان ملي تہ وٺو ۽ جڏهن اهو توهان جي دين جي قيمت بڻجي وڃي تہ ڇڏي ڏيو. (احياء العلوم، 170/2)

## فرامينِ حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

✿ دنيا ۾ ماڻهن جو هڪبئي تي ظلم ڪرڻ قيامت جي ڏينهن اونداهيءَ جو سبب آهي. (حلية الاولياء، 260/1، رقم: 640 ملخصا)

✿ اللّٰہ پاڪ جڏهن ڪنهن کي ذليل ۽ رُسوا يا هلاڪ ڪرڻ جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان کان حياء کسي وٺندو آهي. پوءِ توهان ان شخص کي ان حال ۾ لهندؤ جو اهو ماڻهن کان نفرت ڪندو آهي ۽ ماڻهو ان کان نفرت ڪندا آهن. (مكارم الاخلاق، ص94، رقم:113)

✿ حضرت ميمون بن مِهران رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہبيان ڪن ٿا تہ هڪ شخص حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: مونکي نصيحت ڪيو. فرمايائون: گفتگو نہ ڪيو. ان عرض ڪيو: جيڪو ماڻهن جي وچ ۾ رهندو آهي ان کي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ

جي بنا ڪا واٽ ناهي. فرمايائون: جيڪڏهن ڳالھ ٻولھ ڪرڻي ئي هجي تہ حق ڳالھ چئو يا خاموش رهو. (تاريخ ابن عساڪر، 449/21)

✿ حضرت جعفر بن بُرقان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان مروي آهي تہ حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْهُ جن فرمايو: ”مونکي 3 شيون کلائين ۽ 3 روئارين ٿيون. کلائڻ واريون 3 شيون هي آهن: تعجب آهي ان شخص تي جيڪو دنيا کان اميدون لڳائي ٿو حالانڪ موت ان جي ڳولها ۾ آهي، ۽ حيرت آهي ان غافل انسان تي جيڪو غفلت کان سُجاڳ نٿو ٿئي ۽ ان تي بہ تعجب آهي جيڪو ٺهڪ ڏئي کلي ٿو حالانڪ ان کي خبر ناهي تہ ان جو رب ان سان راضي آهي يا ناراض ۽ روئائڻ واريون 3 شيون هي آهن: حضور نبيءِ اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابۂ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْهُم جن جي جدائي، سڪرات جي تڪليفن جو پيش اچڻ ۽ بارگاه الٰهي ۾ حاضر ٿيڻ جڏهن تہ مونکي معلوم ناهي تہ مان جهنم ڏانهن هڪليو ويندس يا جنّت ۾ جڳھ ماڻيندس.

(الزہد للامام احمد بن حنبل، حديث:837، ص176)

✿ حضرت طارق بن شهاب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْهُ وٽ رات گذاري تہ جيئن سندن عبادت ملاحظ ڪري سگهان. جڏهن رات جو پويون پهر ٿيو تہ سندن اٿي ڪري نماز ادا ڪئي جڻ تہ جيڪو مون سمجهيو هو (تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْهُ سڄي رات عبادت ڪندا آهن) اهڙو ڏسڻ ۾ نہ آيو. مون هي ڳالھ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْهُ سان ڪئي تہ فرمايائون: ”هنن پنجن فرض نمازن جي پابندي ڪريو تہ هي درميان ۾ ٿيڻ وارن گناهن جو ڪفارو بڻجي ويندين آهن جيستائين ڪبيره گناه جو ارتڪاب نہ ڪيو وڃي.“ وڌيڪ فرمايائون تہ ” ماڻهو جڏهن عشاء جي نماز ادا ڪري وننڊا

آهن تہ ٽن قسمن جا ٿي ويندا آهن: (1) اهي ماڻهو جن جي لاءِ هيءَ رات وبال بڻجي ويندي آهي ۽ اهي هن مان ڪو فائدو حاصل ناهن ڪري سگهندا (2) ڪجھ خوش نصيبن جي لاءِ پلائيءَ جو سبب بڻجي ڪري ايندي آهي ۽ انهن کي وبال کان بچائيندي آهي ۽ (3) ڪجھ نادانن جي لاءِ هيءَ رات نہ فائديمند ثابت ٿيندي آهي ۽ نہ ئي وبال بڻجندي آهي. جن جي لاءِ وبال بڻجندي آهي ۽ فائدي کان خالي هوندي آهي هي اهي آهن جيڪي رات جي اونداهي ۽ ماڻهن جي غفلت کي غنيمت سمجهي ڪري دليري سان گناهن ۾ رات گذاريندا آهن ۽ جيڪي رات جي اونداهيءَ ۽ ماڻهن جي غفلت کي غنيمت سمجهي ڪري رات جو اٿي ڪري عبادت ڪندا آهن انهن جي لاءِ هي رات فائدي مند آهي وبال ناهي ۽ جيڪي نماز پڙهي سمهي رهندا آهن انهن جي لاءِ نہ فائدي مند آهي ۽ نہ ئي وبال. لهذا توهان غفلت کان بچو، الله پاڪ جي عبادت جو ارادو ڪريو ۽ ان تي هميشگي اختيار ڪريو. (مصنف عبد الرزاق، 416/2، حديث:4749)

✿ هر شخص جو هڪ باطن هوندو آهي ۽ هڪ ظاهر، جيڪو پنهنجي باطن کي سنواريندو آهي الله پاڪ ان جي ظاهر کي سنواريندو آهي ۽ جيڪو پنهنجي باطن کي بگاڙيندو آهي الله پاڪ ان جي ظاهر کي بہ بگاڙي ڇڏيندو آهي.

(الزہد لابن المبارک و يليہ ڪتاب الرقائق، حديث:72، ص17)

✿ بيشڪ عِلم تمام گهڻو ۽ عُمر تمام ٿوري آهي لهذا دين جو ضروري عِلم حاصل ڪريو ۽ هن کان ما سِواء (يعني هن کان علاوه شين) کي ڇڏي ڏيو ڇو تہ ان تي توهان جي مدد نہ ڪئي ويندي.

(حلية الاولياء ، 1 / 246 ، رقم : 606)

✿ حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان اهڙي گناهه جي باري ۾ پڇيو ويو جنهن جي موجودگي ۾ ڪا نيڪي فائدو نٿي ڏي تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ارشاد فرمايو: ”اهو گناهه تڪبّر آهي.“ (الزواجر عن اقتراف الكبائر، 149/1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

